# مٺي مراد



ماهتاب محبوب

# مٺي مراد

(ڪهاڻيون)

ماهتاب محبوب

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1990ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ اٺيتاليهہ

ڇپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

ٻيون ايڊيشن — نومبر 1990ع

قيمت — 33/- رپيا
پڪي جلد سان — 55/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

MITHI MURAD (Short Stories) Written by MAHTAB MAHBOOB. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. Second Edition November 1990. Price Per Copy Rs. 33/-

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن آڪٽوبر 1979ع ۾ ارم پبليڪيشن طرفان شايع ٿيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وچور

| | |
|---|---|
| انتساب | 5 |
| پنهنجي پاران | 6 |
| پيش لفظ | 7 |
| بُک جا چڪ | 9 |
| ڏکو پير پيران | 23 |
| سريت | 47 |
| مريم جو پٽ | 72 |
| سوڍي | 89 |
| سيٺ ڏيڻ | 107 |
| لاڻ | 121 |
| جـــارو | 139 |
| مٺي مــراد | 145 |

## انتساب:-

سدا حيات ڪهاڻيڪار

**نسيم احمد کرل**

جـــي نالـــي

**- ماهتاب محبوب**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پارن....

ڪنهن چيو هو:

”تنهنجي ڪتاب تي پيش لفظ مان لکندس- ٻيو ڪوئي نه لکندو، انهيءَ تي منهنجو حق آهي.“

هڪ ٻي وڏي سڪ مان چيو هو:

”تنهنجي ڪتاب جو اهڙو مهاڳ لکندس، جهڙو ڪنهن ٻه نه لکيو هوندو.“

پر ائين نه ٿيو .... ائين نه ٿي سگهيو........!

سنڌي ٻوليءَ جو بي تاج بادشاهه، سنڌي ڪهاڻيءَ جو امام نسيم کرل، شهيد ٿي ويو.... مان هنجو قول پاڙڻ خاطر 'نئون نياپو' تان ورتل سندس ئي مضمون جو هڪ ٽڪرو، هن ڪتاب ۾ پيش لفظ طور ڏيئي رهي آهيان.

**ماهتاب محبوب**

حيدرآباد سنڌ

١٤ جولائي ١٩٧٩ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر در تي جتي ملي ۽ مندس خيالن جو سلسلو نه ٽٽي. اهڙي طرح محبوب ڪٽي پارهن دريو نه پر هڪ ۽ سانت جو آشيانو ٺاهي ڪبس ڏوٿي سانجهه جي گهڙي جهنجهٽ ڪان بچائي هن ادبي چنڊ ڪي گهريلو گرهڻ ڪان بچايو آهي.

—— نسيم کرل

جيڪو ڏنو هئم. ماڻهن کي ته نينگر جي توهر جي به خبر نه پئي، اها ڏاڪڻياڻي امينا چڱي ملڪ الموت ساماڻي آهي جو جمڻ سان ئي ٻڪر ٻوسات ۾ معصومڙي جي توهر به ڪري ڇڏيائين. اڃا چوڏهن پنڌرهن جو هجي ها ته ڳاڙهي گوڏ ٻڌي گهوڙي تي ٻينڊن باجن سان سرڪس ڪري ها ته لوڪ ۾ به واهه واهه ٿئي ها. ائي سُئي جهمٽي ڪنوار کي سڏي وٺ."

"چاچي خير؟" ڪنوار اچي ڪائنس پڇيو.

"آئي اماڻ مڙسهين اچي ته چئينس ڪاڳر ٺهراءِ سيني کي ميلاد، عقيقي ۽ نينگر جي توهر جي خوشيءَ جو سڏ گهمرائي."

"پر چاچي پوءِ ته چار ٻڪر ڪسندا، ٻه عقيقي جا، هڪ توهر جو ۽ هڪ ميلاد جو."

"آئي چئن کي ڪٽي ڇڏ، ماڻهو اچي ڪلون ڳڻيندا ڇا؟ عقيقي لاءِ هڪ ٻڪر ڪافي آهي. ڪٽو ته ٻيو ٿورو ڪليو گوشت به گهرائي وٺنداسين."

"چاچي سنت ۾ ته ٻه ٻڪر آهن هڪ ۾ عقيقو ڪيئن ٿيندو؟"

"مائي سنت ڪير ٿو ڏسي، اڄ ڪلهه ڪير پورا ڪري ٿا ٿين. ايڏو سيڙو ٻڪر ته ڇهين سوين ڪان گهٽ ڪونهي. هاڻي وڃي تياري ڪر. مڙسهين اچي ته انهيءَ سان صلاح ڪر تيسين ويهه ته آنهن زالن جي نالن جون لسٽون لکرايانءِ، جن سان ڏيڻ وٺڻ جو رستو آهي."

ڪاٺي ڪاٺي ٻه هڪڙي آءٌ ڪاٺيندس، زيبل تون ته ڪونه ڪاٺين. توکي ته ڪانه وٺي."

زليخان ٻيهر خاطري ڪاڻ پڇيو.

"ادي منهنجو رت ئي ولوڙي ڇڏيو اٿئي. ڪٿي سڀ واپس ڪراءِ، آءٌ ڪونه ڪاٺيندس."

"آئي اِهو سس مئو وري ڪهڙو آهي جو واپس ڪندو، آئي ڪاٺي ته ڏس ڏاڍو سٺو اٿئي نرم نرم." زليخان چڪ هڻي اڌ بسڪوت بچائي زيبل ڏي وڌائيندي چيو.

"ادي بخش ڪر مون کي ڪونه وٺي."

"آئي ٻوڙ هيڏو سارو ڪيئن ڪاٺيندس!؟ اڃي ڀلا هي ٻاٽلي ته پي."

لاچار زيبل اڌ بوتل پي واپس ڪئي "ڏڪا ڀريا اٿئون، هيڏي ڪر خيراتي مال ڪونهي. ٻه ڏڪ هيئن ڪان هيٺ لاهي ڇڏيان!" ايئن چوندي چانهه جي مٿان ٻاٽلي پيتائين.

.... .... ....

حويليءَ وٽ لهڻ وقت زيبل ڏڳو ٻيهر ٻيران جهڙي حالت ۾ هئي سا زليخان کي سلام ڪرڻ ته ڇهيو پر پنيان ڏسڻ ۾ پڌڻ ڪان سواءِ ڳوريون ڳوريون وکون کڻندي پنهنجي حويليءَ ۾ گهڙي وئي ۽ نم جي ڇانو هيٺ رکيل کٽ تي ڦان ٿي ڪري پئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڏيندي هئيمانس.“

اوچتو وڏيري ميهل جي ڪار جو ٻُل ڊاگ اسٽائيل هارن وڳو.

ها.... ٿو....ٿوٿو....آ.

”مٺيس، هاڻي ڇا ڪريان!“ مومل کي پريشاني وٺي ويئي. اڃا ٿڙ ڦٿڙ ۾ هئي، جو ڏاڪڻ تي وڏي ڪُڙڪيءَ واري بوٽ جي ٺڪ ٺڪ پنجي ويئي. ان دم ٺي وڏيرو ميهل، هڪ هٿ سان شهپر وٽيندو ۽ ٻئي سان سٽرن ۾ ڪوٺوڙا ڪندو اچي اندر پهتو. جيسين تائين وڏيرو ميهل ڪانس ان بابت پڇي ٺي پڇي، ته هين وڏيءَ حرفت سان شهباز مان جان ڇڏائيندي چيو: ”ادا، هاڻي توکي موڪل، تون ڀلي وڃ ڳوٺ، ادي ايمٽا کي به سلام ڏجانءِ.“

”توهان تہ مرد آهيو.... مان ٻن ٻارن جي ماءُ آهيان.“

”دين واٽ، مان بہ تہ ٽن ٻارن جو پيءُ آهيان. تون ڪٿي ڇٽن جي هڇين، اِٽ ميڪس نو ڊفرنس.“

”جي!!“ هن پنهنجا پڌمٽا پير اڻ ڏٺي پلصراط تي ڪنبندي محسوس ڪيا.... دل جي ديول ۾ مريم جو بت ڏڏندي محسوس ڪيائين.... خطري جون ڪيئي گھنٽيون وڄائيندي فائر برگيڊ جي گاڏيءَ مغز ۾ چڪر ڪاٽيس.

”اوه....“ هوءَ پڪهرجي وئي.

”واٽ هيپنڊ؟“

”ڪجهہ نہ.“ هن اٽندي چيو، ”ٽي. وي تي سنهنجي پسند جو پروگرام هلندو پيو هوندو سو ياد اچي ويم. اچو، توهان بہ اچي ڏسو.“

هو بي دليءَ سان اٿي هن جي پويان اچڻ لڳو ۽ ڪوچ تي ويهي اداسيءَ مان ٽي. وي ڏسندو رهيو.

ماسيءَ کير ۾ ٺهيل سَيون آڻي اڳيان رکيس تہ بہ نہ کاڌائين ۽ طبيعت ٺيڪ نہ هئڻ جو بهانو ڪري جلدي هليو ويو.

ٻہ ڏينهن گذري ويا، هو نہ آيو شايد تہ رساڻو هو.

پر جڏهن هڪ شام شيراز کي ڊيبل قدمن سان ايندو ڏٺائين تہ سندس خوشيءَ جي حد نہ رهي. پنهنجي خوشيءَ تي پاڻ حيراني وٺي ويس.

”ڇا ٿي پيو جو خوش ٿيس.... هو سٺو انسان آهي.... سٺي انسان مان تہ هرڪوئي خوش ٿيندو آهي.“

شيراز ڊرائنگ روم ۾ اچي ويٺو ۽ ريڪ مان رسالا کڻي اٿلائيندو پٿلائيندو رهيو. شبنم ڪافي ٺاهي ڏانهنس وڌائي. هن ڪپ وٺندي پڇيو: ”ٻار نظر نٿا اچن؟“

”مولوي صاحب کان پڙهن پيا.... ڇو؟“

”ائين ئي پڇيم.“

”ايترا ڏينهن اوهان ڪونہ آيا... ٻارن ڏاڏو ياد ٿي ڪيو....“

”ڇڙو ٻارن؟“

”امي بہ تہ ڏاڏو ياد ٿي ڪيو.“

”بس...، ٻيو ڪنهن بہ ياد نہ ڪيو؟“ اکين ۾ شرارت نچڻ لڳس.

هوءَ شرم کان ڳاڙهي ٿي وئي. ڪوبہ جواب نہ ڏيئي سگهي.

”شبنم“

”جي.“

”صرف جي ڇو؟ جي شيراز ڇو نہ؟“

”رکو نالو ڪيئن وٺان؟“

”مان ڪو ايڏو توکان وڏو، بزرگ يا چاچو تہ ناهيان جو بي ادبي ٿيندي.“

هن کي کل اچي وئي.

”وائي آر يو لافنگ؟“

”نہ کلان؟“

”ٻلي کل، پر پڌاءِ تنهن ڏينهن منهنجي ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ڏي. وي ڏسڻ ڇو هاي وئينءَ؟“

”اهڙي تہ ڪائي ڳالهہ نہ هئي.“ شبنم چور نظرن سان ورائيس، ”ڪي ڪي پروگرام سٺا لڳندا آهن.... توهان کي نہ وڻندا آهن ڇا؟“

”مون کي تون وڻندي آهين.“

هوءَ ويتر شڪي ٿي وئي ۽ قالين تي پير گهمائڻ لڳي....

ائين ڪندي شيراز کي ڏاڍي وڻي. هو يڪ ٽڪ ڏانهنس نهاريندو رهيو.

شبنم هن جي اکين جي تپش برداشت نہ ٿي ڪري سگهي ۽ ان کان بچڻ لاءِ زوريءَ چيائين: ”امي کي اوهان جو پڌائي اچان.“

دوست ٿي رهنديس.... تمام سٺي دوست.“

هوءَ کيس ’تون‘ چئي مخاطب ڪرڻ لڳي.

شيراز جو چهرو مرڪ سان روشن ٿي ويو: ”آءٌ اِيگري وٽ يو.... دوستي جي بنيادن تي ئي سهي، مون سان پيار ته ڪرين ٿي.“ معنيٰ خيز نظرن سان ڏسندي چيائين، ”اسان جي وچ ۾ شرافت جي هڪ تلوار رهندي.“

”سچ!؟“ سر تان جڻ ڪو شرمناڪ بوجهو لهي پيس.

”ها.“ هن مرڪندڙ اکين سان وراڻيو.

”پڪو وعدو.“

”ها، پر اهڙو نه جهڙو تو زلفي سان ڪيو هو.“

هوءَ خوشيءَ ۾ لفظن جي گهرائيءَ تائين نه پهچي سگهي. هن لاءِ ته اها خاطري ئي ڪافي هئي ته هوءَ سندس دوست رهندي.

”آخر دوست ٿيڻ ۾ حرج ئي ڪهڙو آهي؟“ هن سوچيو.

پر جڏهن شيراز پنهنجي گهر هليو ويو ته ساڻس ٿيل سموريون ڳالهيون ور ور ڪري کيس سڄي رات ڏونگاڙڻ لڳيون. پنهنجي خوشي جڻ عارضي محسوس ٿي هئس.

اڄ صبح سان ماڻس حيدرآباد ويل هئي. سيءَ گهڻو هئڻ جو بهانو ڪري هوءَ ساڻس گڏجي نه وئي. جيتوڻيڪ پار به گڏ هئس ته به اڪيلائيءَ جو احساس ٿي رهيو هئس. شيراز به ڪونه آيو هو ۽ هوءَ شام کان ڊرائينگ روم ۾ سندس انتظار ڪري رهي هئي. ذهن منجهيل خيالن جو مجموعو بنيل هئس. شيراز سان شادي ڪرڻ لاءِ ڪير به ته هن کي نٿي روڪي سگهيو، پر زلفي سان محبت ۾ توڙ نڀائڻ جا وعدا ڇا سڀ فريب هو.... دوکو هو.... مان اهڙي دوکيباز بہ ٿي سگهان ٿي ... هوءَ پنهنجو پاڻ کان پڇندي رهي.

ڪڏهن زلفيءَ سان ڪيل وعدا ٻاراڻا ٻول ٿي لڳس، جذباتي فيصلا ٿي سمجهيائين. ڪنهن مهل عمر جي پختگيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سوڀي

سوڀيءَ جي مڙس جي بيماري اينگهجي ڇا پئي جڻ گهر ۾ چوويهه ڪلاڪ ميڙو متو پيو هو. انهيءَ ميڙي مچائڻ ۾ سوڀي ۽ سندس ڌيئن جي فطري خوشمزاجيءَ سان گڏ رلڻي ملڻي سڀاءُ جو پڻ وڏو دخل هو.

پنهنجون پرايون، اوڙي پاڙي جون ٻارين ٻچين سوڌو طبيعت پڇڻ جي بهاني روز ڀيڙيون هونديون هيون.

پهريائين ته دستور موجب ڏڪنديون ڪمبنديون ڇپا منهن ڪري گهر ۾ گهڙنديون هيون ته متان مڙهو راتو رات اُسهيو نه هجي. هن جو انديشو ٻه پنهنجي جاءِ تي صحيح هو. ڇو ته لڳاتار نازڪ دور مان گذرڻ واري شيءِ ڪي ڪنهن مهل ٻه خطرو ٿي پئي سگهيو. پوءِ جيئن گوگڙوءَ تان متي لاهبي آهي تيئن بنا ڪنهن دير جي مغز جي ڪيسٽ ۾ ٽيپ ٿيل سوال ڪي ورجائيندي پڇنديون هيون، ”ڪيئن آهي ادو؟“ يا ”ڪيئن آهي چاچو؟“

”ساڳيو ئي حال آهيس!“ سوڀي ٻه بنا ويسارڻ جي ساڳئي جواب ڏيڻ تي هري پئي هئي. رڳو اهو ٻڌڻ جي دير هوندي هئن، پوءِ ته اوڪا ٻوڪا لاهي کٽن تي چڙهي ويهنديون هيون ڪچهريون ڪرڻ ۽ ڪلڪا لائڻ. سندن ٻارن جي پلٽڻ ست پائي ڌم ڌم ڪندي ڪُڏَ تي حملو ڪري ڏيندي هئي.

سوڀيءَ جي مڙس جي ڪوٺيءَ واري ڇت تي سوڀيءَ جي سهري جو پراڻو ڪموڊ، وڏي ڌيءَ جو ڇاليهه سال

کيل زمين جي ٽڪر کين ڇڱو سهارو ڏنو.

سوڀي، مڙسس جي ڪمري ۾ جڏهن ٻيا ٻين وغيره ڪٽڻ يا رکڻ ڪاڻ ايندي ويندي هئي ته هو حسرت مان نهاريندو هئس. هو پنهنجي رڪ جي ڍير مثل زندگيءَ ۾ ڇڻ ڪنهن ڇٽنگ جو ٻولائو هو. تنهن ڏينهن همت ڪري اجرڪ جي ڪنن مان پنهنجو هڏائون هٿ ٻاهر ڪڍي هن ڪي ٻانهن مان جهلي مثل ڪراڙي رومينٽڪ آواز ۾ چيائين:

”سمل ماءُ، ٻه گهڙيون ويهه ته سهي هنيو ٺو مُنجهي.“

”ايڏهين!“هن سندس هٿ کي ٻچان سان آڇل ڏيندي چيو.

”سونکي اهي لاڏکونه ٿا وڻن.“

هن جو هٿ هوا ۾ سڪل ٽاريءَ وانگر جهولي هيٺ پٺ جيان ڪٽ تي ڇٽي پيو. اها هئي ٻه حقيقت. هن کي اهي لاڏ شروع کان ٺي نه وڻيا هئا ته هينئر ڪٿان وڻنس ها. ان جي برعڪس سندس ساهيڙيون خوش قسمت هيون جن کي پنا پنا ڀاڪر پائي هنئين سان لائيندي هوءَ ٿڪبي ڪونه هئي.

هڪ طرف ڪڇيءَ کان ڀيءُ جي بي حد لاڏ پيار ۽ حاوي رهڻ واري انداز جتي کيس لاشعوري طرح مرد بنائي ڇڏيو، اتي ماءُ جي اجائي ڇينڀ مردن لاءِ هن جي دل ۾ نفرت پيدا ڪري سندس نسوانيت جي جذبن کي ڇڻ ڇپائي رکيو. ٿورڙي وڏي ٿيا ٿي ڇڻ پابندين جو ٻرٽ اچي ٻڇيءَ ۾ پيس. ٻاهر نڪرڻ تي بندش. سوٽ ماساتن سان گهرو تي ڳالهائڻ ۾ اعتراض، ڪلڻ تي ڪنٽرول، در دريءَ تي بيهڻ وٽ دڙڪا. هوءَ جا هر دم ڀيءُ سان گڏ ٻاهر رهندي هئي تنهن کي گهر جي چار ديواريءَ واري گهٽيل ماحول منجهائي ڇڏيو.

کيس رڳو گڏين سان راند کيڏڻ جي فراخدليءَ سان اجازت مليل هئي. وٽس ڪوڙ گڏيون هيون تن ۾ هڪ اُڙهيل ۽ ميرو مرض جهڙو گڏو، جيڪو راند مهل سيني گڏين جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ٻڌي..." شمان سهڪندي ورائيو، "ٻڌي آهي نه بلقيس... ٻڌيءَ کي الائي ڇا ٿيو... جو..."

"اٽي الا امان کي ڇا ٿيو!" شمان جي ڳالهه ڪاٽيندي چاچي چئيون، زلف بي بي ۽ شاه بي بي سميت ڊوڙ پائي ڪمريءَ ڏانهن ويون... ٻئي پاري ڏٺائون ته سوڙي اوڍي ...ون کٽ تي ڪريل هئي، سندس وات ايس تي لڳل هو جنهن منجهان رت پئي وهيو ۽ ڏند هيٺ کٽ جي پائي وٽ ڪريو پيو هئس.

"اٽي الا امان جو ڏند!" ممتاز هانو ڦاڙ دانهن ڪئي.

دانهون ٻڌي سوڙيءَ چنگهندي اکيون کوليون.

"ڪيڏانهون وئي شمل؟ اٽي شمل ڪيڏانهن وئي شمون؟"

"اٽي امان ڇڏ پچر شمل جي،" ممتاز چيو، "هڪڙو ڏند هيٺ سو به پڃائي ڇڏيئي، نه مڙيئين."

"اٽي الا امان ڪيئن پڳو."

"اٽي صدقي ٿيو شمل جي نالي امان... ڪيڏانهون وئي شمل؟"

"اٽي الا، نانيءَ کي ڪيڏو صدمو آيو هوندو." زلف بي بي ۽ شاه بي بي گڏجي چيو.

هنن جي "اٽي الا" جي هونگار ٻڌي پٽي... بلقيس ۽ شمان ننگريءَ کي ڏاميءَ کان وٺندي تڪڙيون تڪڙيون دالان کان لوڻ لڳيون.

# سيٺ ڏيڏ

ڏاڪ منجهند جو ورانڊي ۾ پينگهي تي ليٽيل زبيل کي وڃڻي هلائيندي هلائيندي جهوٽا اچڻ لڳا ۽ ٿيا ڪيل گوڏا آهستي آهستي ڪرڻ تي هئس جو در تي ٺڪ ٺڪ جهوڙي نڙڪ نڙڪ پڌي سنڀالي ورتائين.

”الا، الا، هي گهڙيون ننڊ به ڪونه ڪرڻ ڏئيون توبهن مائي، مائهن کي پنهنجن گهرن ۾ سک ئي نٿو اچي!“ پڙڪندي جان اٿڻ جي ڪيائين ته ڪنگهه جي دوري اچي ورايس.

”اي ابا گلو.... شبو....“ راند ۾ رڌل پوٽن کي سڏڻ لڳي، ”پوڙا ته ڪون ٿيا آهيو، اٿي ڪو در تي ڏسي ته ڪير آهي، مونکان ته اٿيو ئي نٿو ٿئي..“

”ڏاڏي، آءٌ ٿو ڏسان.“ گلوءَ ڊوڙنائيءَ مان چيو.

”تون وري ڇو، آءٌ ٿو وڃان.“ شبوءَ ڪاوڙجي چيو.

”آءٌ وٺندس پهرين مان ٺڪ ٺڪ پڌو.“ گلو هشي ڏيندي در ڏانهن ڊوڙ پاتي.

”اونهه.... اونهه.... آ ن ن ن، تون نه وڃ.“ شبو رڙندو پٺيانس لڳو.

”ابا ڦتجو جو ڦاڙ“ زبيل بيزاريءَ مان چيائون، ”هونءَ ته ٻئي ڪنن ۾ ڪپهه وجهيو ويٺا هئا، هاڻي ته اچي اٿ لڳي آهي. بلي بلي، رب منهنجي جا شان. اها چونڪ ڇيڙي ٿي هوندو، هو ڪنهن جو اڌو ڪتو هوندو جو ته ڏڏيءَ سوال رلي مرندو.“

در جي لڳاتار ٺڪ ٺڪ ۽ ٻارن جي رڙين تي ننڍڙو ...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦيٽاڙي جي ڳالهه هوندي آهي.... سو اڄ به سمجهايو مانس پئي ته انهن اجاين عادتن گهٽائي گهر ڦٽايا آهن، پوءِ بس کاوڙجي هلي وئي.... پوءِ ته ڪا ڳالهه ڪانه هئي."

"ممتاز به ماءُ جو طرف ورتو ڇا؟"

"ڪنوار سان منهنجو ڪهڙو رسڻ مان ته ڪيس چڱائي چوندي آهيان. آءٌ اڄ آهيان سڀاڻي نه هوندس لئي پئي هي سڄو ماندڻ ڪيس ئي سنڀالڻو آهي. جيڪڏهن هينئر ئي هٿ جهلي هلندي ته يا عمر خوش گذاريندي نه ته...."

"ٻڌين پئي ممتاز." پورل چيو.

"اڇو نه هائي.... ماني ٺـڌي پئي ٿئي." ممتاز ڪنڌ هيٺ ڪري نرميءَ سان چيو.

"ابا وڃ ماني کاءُ، ٺري وئي ته مزو ڇڏي ويندي."

........

"گهرڙ .... گهرڙ .... گهرڙات." رڪشا ممتاز جي در وٽ زور سان بريڪ لڳائي ۽ ويرم ڪانپوءِ بختاور ڇلي هٿ ۾ ڪري ڏيڍيءَ مان جهاتي وجهي ڏيٽس کي سڏ ڪيو.

"ممتاز سڪهي ٿيءُ 'رخشو' ٻيٺو آهي برقعو پائي اڄ ته قسطن تي ٽي- وي وٺي اچون. ڪلوءَ پان واري جي زال به وٺي آئي آهي ماريا سڄو ڏينهن پيا ڪيل ڏسن."

"اڇهو آئي گهمڻ جي گهوڙي سنجن سوڌي." زيبل ٽهڪيو.

"اندر ته اچ امان." ممتاز اتان ئي چيو.

"آئي سدوري جلدي ڪر وقت نه وڃاءِ، رخشو نـه وڃي هليو." پريشانيءَ مان چيائين.

"مائي ڪهڙين ڳٽين ۾ پئجي وئي آهين؟" ممتاز کي ماٺ ڏسي پڇيائين.

"امان آءٌ هينئر نٿي هلان .... ٽي- ويءَ جي آخر ايتري ضرورت به ڪهڙي جو قسطن تي وٺجي. الله ڏيندو ته يڪا

ڦسا ڏيئي ونڊاسين.“

”ائي امان ڏاڍي سهڻي T.V آئي، گهر ۾ رونق وڌي وينديءَ پيو تہ ’مشڪيءَ‘ لاءِ ڪپڙو بہ ڏسي آئي آهيان.“ ۾ وڪون اندر ايندي چيائين.

”نہ امان بس، مونکي انهن شين جي گهرج ناهي. ۽ تون بہ .... تون بہ اجايو روز روز بجڪو کڻي بازار نہ ويندي ڪر.“

”ائي گهوڙت! منيس. ڇا ٿئي چوين؟ هن مسم توتي ڪو زبرو تعويذ ڪرايو آهي جو اهڙا ابتا ٻول ٻئي ڪڍين.“

بختاور، حيران پريشان ٿيندي چيو، ”آءٌ اڄ ٿي تـي وڃان ڏاندار بي بيءَ وٽ .... مٿيءَ تي اهڙو ٿي تعويذ ڪرايان جو ياد ڪندي.“

”ادي هيڏانهن تہ اچ.“ زيبل ڪيس ويندو ڏسي مرڪندي سڏ ڪيو.

”ڇو؟“ پريان ٿي پڇيائين.

”اچ تہ سهي.“ چٽ مان چيائينس.

”ها، چئو.“

”هي وٽ پنهنجا تعويذ، وڃي ڏاندار بي بيءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌجانس ۽ ڪيس چئجانءِ تہ مان بہ تو جهڙي پير ٻوڏي آهيان، اهڙا تعويذ مون تي اثر نہ ڪندءِ.“

---

# لاٽ

لاٽ جي ٻوڙهي ڏاڏيءَ، جنهن جا مٽيان ڏند ڀڄي پيا هئا، هيٺيان چار ڏند ڪڱي وانگر ٻاهر نڪري آيا هئس، چپ ٻوڙهي اٺ جيئان لڙڪي پيو هئس، نڪ جي چهنب ڀرڪي اچي چپ سان لڳي هئس تنهن پاڻيءَ مان نڪتل سيسر وانگر وڏو وات ڦاڙي منهن تي پلاند وجهي اوڇنگار ڏني: "لاٽ، تنهنجو ڪلمو ٻه نصيب ڪونه ٿيم ابا سڄي عمر آسرو ڪيم ته ڪلهو ڏينديم پر اڄ ڇڏيو ٿو وڃيم، ٻيءَ ٻوڙهي کي رلايو پيو وڃين." لاٽ جي ماءُ سسٽس جي ڀر ۾ ويٺي هئي تنهن پڻ وڏي اوڇنگار ڏيندي چيو: "منهنجا ابا، مونکي تہ وڏي اميد هئي تہ توکي موڙ ٻڌنديس، پر تو پيٽن کي ميندي بہ لائڻ ڪونہ ڏني."

"ڇوڪر منهنجي ڇيلهہ ڀڃيو وڃين منهنجي اڇن تي تہ رحم ڪرين ها." لاٽ جي چاليهن ورهين جي ڪنواري چاچي عطالو پنهنجي مٿي تي ڌڪ هڻندي چيو. ايتري ۾ ٻاهران هڪل ٿيس: "عطاعلي خان، هيڏي ٻاهر تہ اچجان."

"ادا اسانجون ڇيلهون ڀڳيون پيون آهن، اسانجا ڪيڙا حال هوندا جو ٻاهر اچون. جنهن کي ساوڪ مڃن جي مس ڦٽي سو ئي اسانجو نہ رهيو."

"ٻلي هاڻي ڪلمو پڙهو، سنجها جو وقت آهي." يارمحمد خان ٻرڙي عرف ياروءَ در تان ورائيو.

"ادا توهانکي ڪلمن جي لڳي آهي، هتي قلبن جا

سوڻيءَ ٿي:

”ادي جيجي زينل! اي ٻورل سڀاڻ ڪٿي آهن؟ ۽ جيجان.....!“

”ادي ڇاهي، اڃان پئي، ڪهڙو ونءِ ڏمچر سچايو اٿئي.“

”ادي ڏمچر ته هوڏانهن متا پيا آهن!“

”ڪيڏانهن!؟“

”پونهين جو خط آيو اٿئي.“

”ڪهڙو پوٽو!؟ هانوءَ ڇو ٿي ڦاڙيم! منهنجو ٽن سالن جو پوٽو ڪيئن خط لکندو!“

”ادي جيجان سمجهه ڪٿي ته منهنجو پوٽو سو تنهنجو پوٽو.“

”ادي تنهنجو پوٽو سو منهنجو پوٽو ڪيئن ٿيو! آءٌ تنهنجي هٿن جي پار: هيڏا ڏڳڙا تا منهنجا پوٽا ٿين. ڏند ڀڄائي هوش وڃايو اٿئي.“

”ڏند ويم تڏهن به طعنو نٿو وڃي.“

”اهو طعنو تـه جيتر جيئري هونديءَ تيتر ڪونه ويندئي.“

”ٺهيو، توکي به ڏنم....“ هو بنا موڪلائڻ جي رسي اٿي هلي.

* * *

”ادي لالڻ آيو ڙي آيو! جيئيس ڙي جيئيس! منهنجي صبح کان اک پئي ٿڙڪي.“ لالڻ کي ٽانگي تان لهندو ڏسي ڏاڏيس چيو.

”ادي منهنجو صبح سان، ڪلهو پئي ٽپڪيو ڪانگ لنوڻ وينوءَ ڇيومانس لنو ڪانگ مٺي ٽڪي ڏيانءِ، منهنجو لالڻ اچي پيو اهو پڌي ڪانگ اڏامي ويو.“ لالڻ ماءُ ٽڙندي چيو.

”آءٌ پاڻ پتنگ فقير ڏانهن گهٽي گهار شربت پيڻ پئي

پنهنجي پيئرن ۾ زال سوڌو ڪاريڊور ڪان نڪري ڪار تائين آيو.

”ڏ.... ڏ.... توهان!!“ ڪار جو دروازو کوليندي لالڻ حيرانيءَ مان چيو. ”اي ها ابا اسين، سڀ ڪجهه ٺيڪ نه ٿي سگهيو!“

”ڇا ٿيو خير ته آهي ڏاڏي؟“

”اي سڀ خير آهي“ لالڻ ماءُ ورائيو ”جلدي ڪري موٽر کي هڪاينس ٽلم جو ٽيم نه ٽري وڃي!“

”توهين به .... !“

اي هائو.... و....و! اسين به جيئرو ساهه آهيون 'شلبم' جي ٽلم ڏسي هلي روح وندرائي اچون....“ ڏاڏيءَ چيو.

۽ پوءِ لالڻ مرڪندي گاڏي اسٽارٽ ڪئي.

# جادو

”ٻي ٻي سائڻ، مان ڪٿي سمهان؟“

”هوڏانهن وراندي ۾، پٽ تي.“

ڪتو، ٻه تيل لڳل ڀرائيون ۽ ميريون رليون ڪٺي هيٺ وڇائي سمهي رهي ۽ سمهڻ مان ننڊ ڪٿي وٺي.

”هيءُ ٻه ته ڪنهن جي جاءِ آهي! ڪيڏي نه ڏڪي ستي پيئي آهي!“ دل ۾ قياس جي جذبي کٽر ڪنيس. پنهنجي ڏيءُ ڏانهن نظر وڌائين ته هوءَ نرم بستري واري پلنگ تي سک ۽ سانت سان ستي پئي هئي.

جڏهن هوءَ پنهنجي وڏي وکر ۽ ويڙهي سان ڳوٺ واري حويليءَ ۾ رهندي هئي، ته ڍير ساريون دايون، ڪوليون پٽ تي ستل ڏسي ڪڏهن به ڪيس اهڙي سوچ نه ٿي هئي. پر هينئر نئين شهر ۾ سانگيڙن ۽ جهانگيڙن کان دور هڪ نئين جڳهه، هڪ نئين سوچ هن منجهه ڪيئن پيدا ٿي؛ هو پاڻ حيران هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد پيا سڏجن .... پر .... پر .... اسان .... اسانجي ته خير ٻي ڳالهه آهي .... اسين تہ آهيون ئي برتر .... اسان کي پيڙهين کان برتريءَ جو احساس ڏياريو ويو آهي .... جيڪو مان ۽ مرتبو رب اسانکي ڏياريو آهي، سو شال دائم ۽ قائم هجي. ڪير سڙي تہ پيو سڙي .... پيو پري .... پل پيا پيرين پون.... پل تہ پيا ڪنڌ نوائين .... سيد جو سڳ نہ مليو تہ حق بخشائي ڇڏيندي مانس. ست پيڙهيون آڪڪاڏي ڏيءَ ڪاڻ نہ لهائيندس."

چاري لڳل دونهاڙيل ذهن سان آخري فيصلو ڪري هوءَ گهري ننڊ سمهي رهي.

---

.... ماهتاب محبوب جا افسانا هميشه حقيقت پسندانه هوندا آهن. سندس ڪردار حقيقي، سندس ماحول سچو، ۽ سندس بيان ڪيل صورتحال ڪنهن نه ڪنهن واقعي جو عڪس هوندو آهي. تنهنڪري اُهي هميشه هن جي افساني جي بين السطور ۾، سنڌ جي موجوده معاشري جي تباهيءَ جي تاريخ پڙهندو آهيان ۽ انهيءَ ڪان متاثر ٿي سوچيندو آهيان ته سنڌ جو اهو مخصوص طبقو ڪيتري نه غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهي.

ماهتاب، سنڌ جي فرضي ۽ هٺ ٺوڪئي ’خانداني‘ ماحول جي اونداهي معاشري جي انڌيرنگريءَ تي تنقيد ڪري، وطن دوستيءَ جو حق ادا ڪندي رهي ٿي- درحقيقت پاڻ اهو فرض ادا ڪري رهي آهي، جيڪو بحيثيت فنڪار جي مٿس سنڌ طرفان عائد ٿئي ٿو.

اسانجو افسانو، دنيا جي عظيم زبانن ۾ لکيل افسانن جي ڀيٽ ۾، بلا، شڪَ ۽ شبهي جي ٻيهي سگهي ٿو. هن برصغير هند و پاڪستان اندر، سواءِ هندي زبان جي، ٻي ڪنهن به زبان جو افسانو انهيءَ اعليٰ سطح ۽ اُچي مقام تي پهتل نه آهي، جنهن تي، سنڌ جو افسانو هن وقت آهي- انهيءَ آبرومند منصب تي افساني کي پهچائيندڙ سنڌي ليکڪن ۾، ماهتاب جي شخصيت، مرتبو ۽ سندس فن يقينن منفرد آهن.

ڪراچي ١٤ آڪٽوبر ١٩٧٩ع

— پير حسام الدين راشدي

ماهتاب محبوب سڀئي مراد (ڪهاڻيون) نيو فيلڊس (139)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليڪَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمَ- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

**The Reading Generation** **پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ**

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪِڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڻَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پڻ ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَڻَ پَڻَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

**The Reading Generation پڙهندڙ نَسُل . پَ ڻَ**